Website: www.dailybarsaatkarachi.com

The Daily BARSAAT Karachi

سنڌ جي قومي اخبار

ABC Certified

اشاعت جا 57 سال

روزانه

برسات

ڪراچي

(جلد 58) جمعو 06 فيبروري 2026ع بمطابق 17 شعبان المعظم 1447ھ (شمارو 121) قيمت 20 روپيا

# شڪارپور ۾ ڪشمير يڪجهتي ڏهاڙي جي حوالي سان تقريب منعقد ڪئي وئي

## سنڌ ايسوسيئيشن آف يو اي اي ۽ بي بي ايس واءِ ڊي پي جي سهڪار سان شاگردن ۽ شاگردياڻين ڀرپور پروگرام ۾ شرڪت ڪئي

### شاگردن تقريرون ڪري مظلوم ڪشميري عوام جي جدوجهد، قربانين ۽ آزادي جي تحريڪ تي تفصيل سان روشني وڌي

شڪارپور (رپورٽ اشرف علي پتو) سنڌ ايسوسيئيشن آف يو اي اي ۽ بي بي ايس واءِ ڊي




پي جي سهڪار سان ڪشمير يڪجهتي ڏهاڙو ملهايو ويو سنڌ ايسوسيئيشن آف يو اي اي پاران بي بي ايس واءِ ڊي پي (BBSYDP)جي سهڪار سان ڪشمير يڪجهتي ڏهاڙي جي موقعي تي سنڌ ايسوسيئيشن آف يو اي اي جي سينٽر ۾ هڪ باوقار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ پنجاهه کان وڌيڪ شاگردن ۽ شاگردياڻين ڀرپور شرڪت ڪئي. تقريب جي شروعات تلاوتِ قرآن پاڪ سان ڪئي وئي، جنهن کانپوءِ ڪشمير جي شهيدن جي ايصالِ ثواب لاءِ هڪ منٽ جي خاموشي اختيار ڪئيَ وئي. شرڪت ڪندڙن ڪشميري عوام سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪندي انهن جي قربانين کي سلام پيش ڪيو. تقريب دوران شاگردن ۽ شاگردياڻين پڻ تقريرون ڪيون، جن ۾ ڪشميري عوام جي جدوجهد، قربانين ۽ آزادي لاءِ ڏنل جدوجهد تي روشني وڌي وئي. تقريب جا خاص مهمان ڊي سي آفيس مان سي ايم او عابد راجپوت هئا. جڏهن ته ٻين معزز مهمانن ۾ بي بي ايس واءِ ڊي پي جو ڊسٽرڪٽ مانيٽرنگ آفيسر محمد قاسم مشوري ۽ سنڌ ايسوسيئيشن آف يو اي اي جو سنڌ ڪوآرڊينيٽر سجاد حسين حيدري شامل هئا. مقررن پنهنجي خطابن ۾ چيو ته ڪشمير پاڪستان جي شهه رڳ آهي ۽ ڪشميري عوام جي آزادي واري جدوجهد کي ڪڏهن به وساري نٿو سگهجي. هنن چيو ته ڪشميري عوام جون قربانيون تاريخ جو حصو آهن. جن کي هميشه ياد رکيو ويندو. آخر ۾ مقررن ان عزم جو اظهار ڪيو ته سنڌ ايسوسيئيشن آف يو اي اي ۽ بي بي ايس واءِ ڊي پي هميشه ڪشميري عوام سان گڏ بيٺل رهندا ۽ ڪشمير سان يڪجهتي جو پيغام هر سطح تي اجاگر ڪندا رهندا. تقريب جي پڇاڙي تي شرڪت ڪندڙن گڏيل طور اهو واعدو ڪيو ته هو ڪشمير جي مظلوم عوام جي حق ۾ آواز بلند ڪندا رهندا.

nner